قرآني بيان

# ڪاميابي جا ٽي اصولَ

(سيپارو: 6، سوره مائده: 35)

مدني مراڪز (فيضانِ مدينه) ۾ شعبه امام مساجد (دعوتِ اسلامي) جي تحت مسجدن جي

لاءِ 10 آڪٽوبر، 2025ء (اسلامي تاريخ: 24ربيع الأخر، 1447ھ)

جمعة المبارک جو



مدني مراڪز (فيضانِ مدينه) ۽ شعبہ امامِ مساجد (دعوتِ اسلامي) جي تحت مسجدن جي لاءِ
10 آڪٽوبر 2025ء (اسلامي تاريخ: 24 ربيعُ الآخر 1447ھ) جمعة المبارڪ جو

قرآني بيان

بنام

(سيپارو: 6، سوره مائده: 35)

# كاميابي جا ٽي اصولَ

هن بيان ۾ توهان ڄاڻي سگھندؤ...

- ✿... انعام بہ مليو ۽ سزا بہ ملي
- ✿... غار مان نجات ڪيئن ملي...؟
- ✿... دنيا جي سڀ کان پهرين ڪاميابي ڪيئن حاصل ڪئي وئي؟
- ✿... جڏهن سڀ ڪجهه قِسمت ۾ لکيل آهي تہ پير چو...؟

پيشكش

اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيَة

Islamic Research Center

(شعبہ: بياناتِ دعوتِ اسلامي)

FOR FEEDBACK
(+92) 315 2692 786

GET MORE SPEECHES
(+92) 310 8882 033

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ط وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى خَاتَمِ النَّبِيّٖن ط

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَاف (ترجمو: مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

## درودِ پاڪ جي فضيلت

علامہ يوسف بن اسماعيل نبهاني رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه تمام وڏا عاشقِ رسول ٿي گذريا آهن، پاڻ درودِ پاڪ جي فضيلت تي ڪيترائي ڪتابَ لکيا آهن، پاڻ پنهنجو واقعو لکن ٿا: هڪ دفعو ڪنهن شخص مون تي ڪوڙو الزام (*False Allegation*) لڳايو، ان الزام جي ڪَري وقت جي سلطان منهنجي لاءِ حڪم ڏنايو تہ ڪيس شهر مان ڪڍيو وڃي. اهو ڏڍي مون کي پريشاني ٿي، اهو خميس جو ڏينهن (*Thursday*) هو، ان ڪري جمعي جي رات مون هڪ هزار ڀيرا استغفار پڙهيو، پوءِ 350 ڀيرا هيئن درود شريف پڙهيو:

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى آلِ سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ قَدْ ضَاقَتْ حِيْلَتِيْ اَدْرِكْنِيْ يَا رَسُوْلَ اللهِ

اهو پڙهي مان سمهي پيس، پوءِ تهجد جي وقت اٿي ٻيهر هڪ هزار ڀيرا درود شريف پڙهيو، پوءِ استغاثہ ڪيو، ان جي برڪت هيئن ظاهر ٿي جو ٻئي ڏينهن منهنجي بي گناهي ثابت ٿي وئي ۽ خليفي خط موڪلي منهنجي بي گناهي جو اظهار ڪيو. (1)

1... سعادة الدارين، الباب العاشر فى فوائد...الخ، فصل فى الاستغاثة...الخ، صفحہ:487 ملتقطًا۔

| | |
|---|---|
| نبی کے صدقہ تمہاری مراد ہو حاصل | دعا کے اول و آخر اگر درود پڑھو |
| رہو گے حفظِ الٰہی میں رات دن محفوظ | رسول پاک پر شام و سحر درود پڑھو |
| ہزار درد کو یہ ایک دوا کفایت ہے | جو پیش آئے ذرا بھی خطرہ درود پڑھو(1) |

قَالَ اللهُ تَبَارَكَ وَ تَعَالٰى فِى الْقُرْآنِ الْكَرِيْم (الله پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ فرمائي ٿو):

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا اتَّقُوا اللّٰهَ وَ ابْتَغُوْۤا اِلَيْهِ الْوَسِيْلَةَ وَ جَاهِدُوْا فِيْ سَبِيْلِهٖ لَعَلَّكُمْ تُفْلِحُوْنَ﴿۳۵﴾

(سيپارو: 6، سوره مائده: 35)

صَدَقَ اللهُ الْعَظِيْم وَ صَدَقَ رَسُوْلُهُ النَّبِيُّ الْكَرِيْم صلّى الله عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَسَلَّم

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان سيپارو: 6، سورت مائده جي آيت: 35 ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪئي. هن آيتِ ڪريمه ۾ فلاح ۽ ڪاميابيءَ (Success) جا 3 اهم اصول (Principles) بيان ڪيا ويا آهن.

## آيتِ ڪريمه جي مختصر وضاحت

ارشاد ٿئي ٿو:

| | |
|---|---|
| يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا اتَّقُوا اللّٰهَ | ترجمو ڪنزُ العرفان: اي ايمان وارؤ! الله کان ڊڄو. |

اهو ڪاميابيءَ جو پهريون اصول آهي: تقويٰ اختيار ڪرڻ. چاهي اسان کي ٻه ڪم ڪرڻ وجي رهيا هجون، ان ۾ اسان کي ڪاميابي گهرجي ۽ مستقل ڪاميابي گهرجي، اهڙي ڪاميابي جيڪا صرف دنيا جي حد تائين نه هجي پر آخرت ۾ به ڪم اچي، اهڙي ڪاميابيءَ لاءِ ان ڪم ۾ تقويٰ اختيار ڪيو وڃي. مثال طور توهان کي ڪاروبار (Business) ڪرڻ وڃي رهيا آهيو ۞ ان ۾ سودِي ڏي وٺ کان بچو ۞ماڻهن کي دوکو ڏيڻ کان بچو ۞ ڪوڙ ڳالهائڻ ۽ ڪوڙا قَسمَ کڻڻ کان بچو ۞ ماپ تورَ وغيره ۾ گهٽتائي کان بچو اهڙي طرح تعليم (Education) جو معاملو آهي، توهان تعليم

1...نور ايمان، صفحه:57 ملتقطًا.

حاصل ڪري رهيا آهيو، جيڪڏهن چاهيو ٿا تہ تعليم ۾ ڪاميابي ملي، توهان جي تعليم توهان لاءِ دنيا ۽ آخرت جي ڪاميابيءَ جو ذريعو بڻجي ۞ ان ۾ گناهن کان بچو ۞ امتحانن ۾ نقل کان بچو ۞ اسلام مخالف (Anti-Islam) ڳالهيون پڙهڻ، ٻڌڻ بين تائين پهچائڻ کان بچو اهڙي طرح شادي مرادي (Marriage) جو معاملو آهي، ان ۾ گناهن کان بچو ۞ دهل شرنائين کان بچو ۞ناچ ڳاني جون محفلون نہ سجايو، مطلب تہ اسان کو بہ ڪم ڪرڻ وڃي رهيا آهيون، جيڪڏهن اسان چاهيون ٿا تہ اسان کي ان ڪم ۾ مستقل ڪاميابي ملي، اهڙي ڪاميابي جو دنيا سان گڏ آخرت ۾ بہ ڪم اچي، ان لاءِ سڀ کان پهريون اصول اهو آهي تہ ان ڪم ۾ جيترا بہ گناهن وارا پهلو بڻجن ٿا، انهن کان اسان بچي وڃون. جيڪڏهن اسان ائين ڪنداسين تہ اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! ڪاميابي اسان جا قدم چمندي. اللہ پاڪ وڏيڪ فرمايو:

وَ ابْتَغُوْۤا اِلَیْهِ الْوَسِیْلَةَ | ترجمو ڪنزُ العرفان: ۽ ان جي طرف وسيلو ڳوليو

اهو ڪاميابيءَ جو ٻيو اصول آهي: اللہ پاڪ جي حضور وسيلو تلاش ڪرڻ. هيءَ دنيا دَارُالاسباب آهي. اللہ پاڪ هن دنيا کي بڻايو ئي اهڙو آهي تہ هتي اسان کو بہ ڪم وسيلي کان سواءِ ڪري ئي نٿا سگهون ۞ اسان دنيا ۾ آياسين ماءُ پيءُ جي وسيلي سان ۞ علم سکون ٿا استاد (Teacher) جي وسيلي سان ۞ مال و دولت ۽ رزق وغيره ملي ٿو ڪاروبار جي وسيلي سان ۞ شفا ملي ٿي حڪيمن طبيبن جي وسيلي سان ۞ ايستائين جو اللہ پاڪ اسان کي ايمان، قرآن ۽ پنهنجي رحمت بہ عطا فرمائي تہ بنا وسيلي نہ پر اهي سڀ نعمتون حضور سرورِ ڪائنات صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي وسيلي سان عطا فرمايون آهن. مطلب تہ هن دنيا ۾ ڪو بہ ڪم وسيلي کان سواءِ ٿئي ئي نٿو چوتہ اللہ پاڪ هن دنيا کي دارُالْاَسباب بڻايو آهي. تنهنڪري جڏهن بہ ڪو ڪم ڪرڻو هجي ۞ ڪاروبار ڪرڻو هجي ۞ تعليم حاصل ڪرڻي

هجي ۞ شادي بياهه جو معاملو هجي ۞ پنهنجو گهر بنائڻو هجي يا خريدڻو هجي، ڪو به ڪم ڪرڻو هجي، جيڪڏهن ان ۾ ڪاميابي ۽ مستقل ڪاميابي چاهيو ٿا ته اهو ڪم ڪرڻ کان پهريان الله پاڪ جي قرب جو وسيلو تلاش ڪريو، اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! ڪاميابي نصيب ٿيندي. پوءِ الله پاڪ فرمايو:

وَجَاهِدُوْا فِیْ سَبِیْلِهٖ | ترجمو ڪنزُ العرفان: ۽ ان جي واٽ ۾ جهاد ڪيو

هي ڪاميابيءَ جو ٽيون اصول آهي: الله پاڪ جي راهه ۾ خوب ڪوشش ڪرڻ. اهو ڪاميابيءَ جو اهو اهم اصول آهي جو ان کان سواءِ ڪاميابي شروع ئي نٿي ٿئي.

اسان وٽ ڪيئي ماڻهن جي اهڙي نفسيات هوندي آهي جو اهي چاهيندا آهن: بس چٽ ڪلي، ڪٿي آسمان مان ڪاميابي ڪري ۽ سڌي منهنجي پيرن ۾ پهچي وڃي، ڪنهن صاحبِ نظر جي مون تي نظر پوي ۽ مان هڪ منٽ ۾ دنيا جو ڪامياب ترين انسان بڻجي وڃان...!! اهو صرف هڪ خواب آهي، ڪڏهن ڪڏهن الله پاڪ جي ڪنهن نيڪ ٻانهي جي نظر پئجي به ويندي آهي، اها هڪ ئي نظر دنيا ۽ آخرت سنواري به ڇڏيندي آهي پر اهو ڪڏهن ڪڏهن ٿيندو آهي، عام حالتون اهي آهن ته ڪاميابي حاصل ڪرڻ لاءِ اسان کي محنت ئي ڪرڻي پوندي آهي، تنهنڪري جيڪڏهن ڪاميابي چاهيو ٿا ته خوب محنت ڪريو ۽ اها محنت ڪرڻي ڪهڙي انداز سان آهي؟ فرمايو:

فِیْ سَبِیْلِهٖ | ترجمو ڪنزُ العرفان: الله جي واٽ ۾

محنت ڪرڻ جا به مختلف زاويا (Perspectives) هوندا آهن، ڪجهه ماڻهو گناهن ڀريل ڪمن ۾ محنت ڪندا آهن، ڪجهه ماڻهو اجائي ڪمن ۾ محنت ڪندا آهن، ڪجهه ماڻهو محنت ڪندا آهن پر انهن جو مقصد (Purpose) صرف مال، دولت، دنياوي عزت ۽ شهرت ۽ نالو ڪمائڻ هوندو آهي. ان سان به ڪڏهن ڪڏهن ڪاميابي ته ملي ويندي آهي پر اها عارضي (Temporary)

ڪاميابي هوندي آهي، جيستائين ساهه هلي رهيو آهي، ڪاميابي آهي، جيئن ئي ساهه ٽُٽو، اکيون بند ٿيون، روح پرواز ڪئي، سڀ عزت (Respect)، شهرت، نالو، مال، دولت، پيسو سڀ ختم...!! اها عارضي ڪاميابي دم ٽوڙي ويندي آهي. ان ڪري ڪاميابي چاهيو ٿا ۽ مستقل ڪاميابي چاهيو ٿا ته محنت ڪريو، ضرور ڪريو پر اهڙي ڪريو جيڪا رب جي رستي ۾ هجي ۞ ان محنت ۾ نيت چڱي هجي ۞ دل ۾ اخلاص هجي ۞ الله پاڪ جي رضا مقصود هجي ۞ دل ۾ فڪرِ آخرت هجي ۞ جنت ۾ وڃڻ جو شوق هجي، پوءِ توهان محنت ڪريو، سٺن ڪمن ۾ محنت ڪريو، دنيا ۽ آخرت ۾ ڀلائي ڏيارڻ وارن ڪمن ۾ محنت ڪريو. جڏهن هن انداز سان فڪرِ آخرت سان، سٺين نيتن سان، دل ۾ اخلاص رکي محنت ڪنداسين ته اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! اهڙي ڪاميابي نصيب ٿيندي جيڪا دنيا ئي نه پر قبر ۽ حشر ۾ ڪم ايندي.

## انعام به مليوءِ سزا به ملي

هڪ ڀيرو خليفه هارون الرشيد جي دربار ۾ هڪ شخص آيو ۽ هن پنهنجا ڪمال ڏيکارڻ جي اجازت گهري، ڪيس اجازت (Permission) ڏني وئي، هاڻي هن صحن جي وچ ۾ هڪ سوئي هڻي ڇڏي ۽ پري وڃي ٻي سوئي اڇلي ڇڏي، اها سوئي صحن ۾ لڳل سوئيءَ جي ناڪي مان گذري وئي. ماڻهن هن جي اهڙي مهارت ڏسي خوب داد ڏنو. خليفه هارون الرشيد به اهو تماشو ڏٺو، پوءِ حڪم ڏنو: هن نوجوان کي 10 دينار انعام ڏنا وڃن ۽ گڏوگڏ 10 ڪوڙا به هنيا وڃن. اها نرالي ڳالهه هئي، انعام به ڏنو پيو وڃي، سزا (Punishment) به ٻڌائي پئي وڃي. اهلِ دربار تمام حيرت سان ان جو سبب پڇيو ته خليفي چيو: انعام ان ڳالهه تي ته اهو تمام ذهين (Intelligent) آهي ۽ هن اهو ڪمال ڏيکارڻ لاءِ خوب محنت ۽ مشق (Practice) ڪئي آهي پر هن پنهنجو دماغ ۽ محنت هڪ فضول ڪم ۾ لڳايو آهي، ان ڪري اهو سزا جو به حقدار آهي.[1]

---

1...علم اور علماء کی اہمیت، صفحہ:18۔

اسان وٽ به ڪجھ ماڻھو اھڙن ڪمن ۾ زور آزمائي ڪري رھيا ھوندا آھن، ڪم بلڪل فضول آھي، بي فائدي (Useless) آھي، نه ان ۾ دنيا جو نفعو (Profit) آھي، نه آخرت جو فائدو آھي پر ان ۾ محنت اھڙي دل سان ڪندا آھن جو چڱن ڀلن کي انھن تي رَشڪ ايندو آھي. اھڙي محنت جو ڪو فائدو (Benefit) نه آھي، محنت انھن ڪمن ۾ ڪريو جيڪي دنيا ۾ به ڪاميابي ڏيارين ۽ آخرت ۾ به ٻيڙو پار ٿيڻ جو سبب بڻجن. تنھڪنري محنت ڪريو! فِيْ سَبِيْلِهٖ يعني الله پاڪ جي رستي ۾ ڪريو.

اھي 3 اصول آھن: (1): تقويٰ (2): وسيلو (3): محنت فِيْ سَبِيْلِ الله. اھي 3 اصول اپنائيندڙاسين تہ ڇا ملندو؟ الله پاڪ فرمايو:

لَعَلَّكُمْ تُفْلِحُوْنَ﴿۳۵﴾ ترجمو ڪنزُ العرفان: ان اميد تي جو توھان ڪاميابي ماڻيو

۞ دنيا ۾ ۞ آخرت ۾ ۞ ھن زندگيءَ ۾ ۞ موت کان پوءِ واري زندگيءَ ۾ ۞ زندگيءَ جي ھر ھر ميدان ۾ ۞ قبر ۾ ۞ حشر ۾ ۞ ميزان تي ۞ پل صراط تي ھر جڳھ ڪاميابي ملي ويندي.

## وسيلو ڇا آھي؟

پيارا اسلامي ڀائرو! ڪاميابي جا اھي ٽئي اصول ئي پنھنجي جاءِ تي تمام اھميت (Importance) رکن ٿا، البتہ انھن مان ھڪ اصول جنھن کان عموماً غفلت ڪئي ويندي آھي ۽ ڪجھ ماڻھو تہ ان حوالي سان وسوسن جو شڪار به ھوندا آھن، اھو اصول آھي: وسيلو. ھن آيتِ ڪريمہ ۾ الله پاڪ صاف صاف ارشاد فرمايو:

وَ ابْتَغُوْۤا اِلَيْهِ الْوَسِيْلَةَ ترجمو ڪنزُ العرفان: ۽ ان جي طرف وسيلو ڳوليو

وسيلي جي معنيٰ آهي: كُلُّ مَا يُتَوَسَّلُ بِهٖ اِلَى اللهِ يعني هر اها شيءِ يا ڪم جنهن جي ذريعي الله پاڪ جو قرب حاصل ڪيو وڃي. [1] مثال طور ۞ نماز پڙهڻ سان الله پاڪ جو قرب ملندو آهي، تنهنڪري اهو بہ هڪ وسيلو آهي ۞ روزو رکڻ سان الله پاڪ جو قرب ملي ٿو، اهو بہ هڪ وسيلو آهي ۞ زڪوات ڏيڻ سان ۞ صدقہ و خيرات ڪرڻ سان ۞ حج ڪرڻ سان ۞ عمرو ڪرڻ سان ۞ تلاوت ڪرڻ سان ۞ ذڪر و درود جي ذريعي ۞ مطلب هر نيڪ ڪم جي ذريعي الله پاڪ جو قرب ملندو آهي، تنهنڪري هر نيڪ ڪم هڪ وسيلو آهي، اهڙي طرح ۞ الله پاڪ جي نيڪ ٻانهن جو ادب ڪرڻ سان ۞ انهن سان محبت رکڻ سان ۞ انهن جي بارگاهہ ۾ حاضر ٿيڻ سان ۞ انهن جي زيارت ڪرڻ سان ۞ انهن جو ذڪر ڪرڻ سان الله پاڪ جون رحمتون ملنديون، دل روشن ٿيندي آهي، اندر جي ڪاراڻ ڌوپجندي آهي ۽ الله پاڪ جو قرب نصيب ٿيندو آهي، تنهنڪري اهي الله پاڪ جا نيڪ ٻانها، نبي، ولي سڀ وسيلو آهن ۽ اسان کي حڪم ڏنو ويو آهي تہ

| | |
|---|---|
| وَ ابْتَغُوْۤا اِلَیْهِ الْوَسِیْلَةَ | ترجمو ڪنزُ العرفان: ۽ ان جي طرف وسيلو ڳوليو |

يعني الله پاڪ جي حضور وسيلو تلاش ڪريو! جيڪڏهن اسان وسيلو تلاش ڪنداسين تہ ڇا ملندو؟ فرمايو:

| | |
|---|---|
| لَعَلَّكُمْ تُفْلِحُوْنَ۠(۳۵) | ترجمو ڪنزُ العرفان: ان اميد تي جو توهان ڪاميابي ماڻيو |

معلوم ٿيو: ۞ جڏهن بہ ڪا مشڪل اچي وڃي ۞ پريشاني اچي وڃي ۞ مصيبت اچي وڃي ۞ بيماري ۞ قرضداري اچي وڃي ۞ اسان کي ڪو اهم ڪم ڪرڻو هجي ۞ گهر ٺاهڻو يا خريدڻو آهي ۞ ڪاروبار شروع

---

1...تفسير سمعانی، پاره:15، الاسراء، زیرِ آیت:57، جلد:3، صفحه:351ـ

ڪرڻو آهي ۞ تعليم حاصل ڪرڻي آهي ۞ انٽرويو ڏيڻ وڃڻو آهي ۞ اسان جي ڪا جائز خواهش آهي، اسان پوري ڪرڻ چاهيون ٿا ۞ ڪا نيڪ آرزو آهي، ان کي حاصل ڪرڻ چاهيون ٿا، مطلب ته ڪو به دنياوي يا اُخروي ڪم آهي، اسان ان ۾ ڪاميابي چاهيون ٿا ته الله پاڪ جي بارگاهه ۾ وسيلو ضرور پيش ڪريون. نيڪ اعمال جو به وسيلو پيش ڪري سگهجي ٿو، مثال طور ۞ نئين گهر جو افتتاح ڪرڻو آهي، ان ۾ قرآن خواني ڪري وٺون يا ڪرائي وٺون ۞ صبح جو ڪم لاءِ نڪرڻ لڳا آهيون، مسنون دعائون پڙهي وٺون، درود شريف پڙهي وٺون ۞ ڪو بيمار ٿي ويو آهي، ڊاڪٽر وٽ وڃڻ لڳا آهيون، ان کان پهريان صدقو ڏئي وٺون، ايئن ڪنهن نه ڪنهن نيڪ ڪم جو وسيلو ضرور وٺون، ان جي برڪت سان اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! ڪاميابي نصيب ٿي ويندي.

## غار مان نجات ڪيئن ملي...؟

اوهان يقين ڪريو! وسيلو اهڙي ڪمال جي شيءِ آهي جو ڪڏهن ڪڏهن اهو ڪم جيڪو اسان کي بظاهر تمام گهڻو مشڪل بلڪ ناممڪن نظر اچي رهيو هوندو آهي، وسيلي جي برڪت سان اهڙي مشڪل (*Hardship*)به ٽري ويندي آهي. **بخاري شريف ۾ حديث پاڪ آهي**، منهنجي ۽ اوهان جي آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اڳين امتن جي 3 شخصن جو واقعو ٻڌايو، واقعو ٿورو وڏو آهي، مان هتي مختصر عرض ڪري رهيو آهيان. 3 شخص هئا، اهي ڪيڏانهن وڃي رهيا هئا، رستي ۾ تيز برسات (*Rain*)شروع ٿي وئي، اهي بارش کان بچڻ جي لاءِ ڪنهن جبل جي غار ۾ وڃي لڪيا، اهي غار جي اندر هئا، ٻاهر تيز طوفاني مينهن وَسِي رهيو هو، ان دوران اوچتو هڪ وڏو پٿر ٽٽي ڪِريو ۽ غار جي منهن تي اچي ويو نتيجي ۾ غار بند ٿي ويو،

اندر تمام گهٽي اونده هئي ...!! ٻاهر نڪرڻ جو ڪو رستو ئي نه هو. وڏي مشڪل ٿي وئي، هاڻي هنن پاڻ ۾ هڪ ٻئي کي چيو: اڄ ته اسان کي هن مصيبت مان صرف اهي نيڪ عمل ڪيا آهن، اوهان جي نظر ۾ انهن مان جيڪو سڀ کان افضل عمل آهي، الله پاڪ جي بارگاهه ۾ ان جو وسيلو پيش ڪريو! لهٰذا: ۞ انهن مان هڪ والدين (*Parents*)جي خدمت واري نيڪي جو وسيلو پيش ڪري دعا گهري: اي الله پاڪ! منهنجي والدين جي خدمت واري نيڪي جي صدقي ۾ هن پٿر کي ايترو هٽاءِ جو اسان کي آسمان نظر اچڻ لڳي، جيئن ئي هن نيڪ عمل جو وسيلو پيش ڪري دعا گهري، تيئن ئي اهو پٿر ٿورو سُرڪِي ويو ۽ آسمان نظر اچڻ لڳو. ۞ هاڻي ٻئي صاحب پنهنجي خوفِ خدا ۽ حيا واري نيڪي جو وسيلو پيش ڪري چيو: اي الله پاڪ! منهنجي هن نيڪ عمل جي برڪت سان هن پٿر کي اڃان وڌيڪ هٽاءِ. تنهنڪري پٿر اڃان وڌيڪ سرڪي ويو. ۞ هاڻي ٽئين شخص پنهنجي امانتداري واري نيڪي جو وسيلو پيش ڪري دعا گهري: اي الله پاڪ! منهنجي هن امانتداري (*Honesty*) جي وسيلي سان هن پٿر کي اڃان وڌيڪ هٽاءِ. جيئن ئي هن دعا گهري ته منهنجا محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمائن ٿا: اهو پٿر جنهن غار جو منهن بند ڪري کين قيد ڪري ڇڏيو هو، سندن نيڪ عملن جي وسيلي جي برڪت سان هٽي ويو (۽ اهي سڀ پنهنجي پنهنجي رستي سان هليا ويا). (1)

سُبْحٰنَ الله! اها آهي وسيلي جي برڪت ...!! تنهنڪري جڏهن به ڪا مشڪل هجي، پريشاني هجي، مصيبت هجي، تنگدستي هجي، ڪو ڪم ڪرڻ چاهيو ٿا، ڪنهن ميدان ۾ ڪاميابي چاهيو ٿا ته نيڪ ڪم ڪريو ۽ الله پاڪ جي بارگاهه ۾ حاضر ٿي پنهنجن نيڪ عملن ۽ انبياءِ ڪرام، اولياءِ ڪرام

1... بخاري، كتاب الادب، باب اجابة دعاء من ...الخ، صفحه:1492-1493، حديث:5974 خلاصةً۔

بالخصوص نبي الانبياء، رسولِ خدا، احمد مجتبيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو وسيلو پيش ڪري دعا گهرو، اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! ڪاميابي نصيب ٿيندي.

الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق نصيب فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم.

## نيڪ ماڻهن جو بہ وسيلو پيش ڪريو!

پيارا اسلامي ڀائرو! جهڙي ريت نيڪ اعمال جو وسيلو پيش ڪري ڪاميابيون ملنديون آهن، اهڙي ريت نيڪ ماڻهن جو وسيلو پيش ڪرڻ سان بہ تمام گهڻيون برڪتون نصيب ٿينديون آهن. قرآنِ ڪريم ۾ آهي:

وَ كَانُوْا مِنْ قَبْلُ يَسْتَفْتِحُوْنَ عَلَى الَّذِيْنَ كَفَرُوْا ۚ (سيپارو: 1، البقرة: 89)

ترجمو ڪنزُ العرفان: ۽ ان کان پهريان اهي ان نبي جي وسيلي سان ڪافرن جي خلاف فتح گهرندا هئا.

هي يهودين جو عمل ٻڌايو پيو وڃي، روايتن ۾ آهي: جڏهن اسان جا آقا و مولا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم دنيا ۾ تشريف فرما نہ ٿيا هئا، يهودين آسماني ڪتابن ۾ پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ذڪر پڙهي رکيو هو، ان ڪري ڪين جڏهن بہ ڪنهن جنگ جو مقابلو ٿيندو هو تہ اهي پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو وسيلو پيش ڪري دعا ڪندا هئا تہ ڪين هر ميدان ۾ فتح نصيب ٿي ويندي هئي.[1]

سُبْحٰنَ اللّٰه! ڇا شان آهي منهنجي آقا و مولا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو...!! پاڻ اڃا دنيا ۾ تشريف فرما نہ ٿيا هئا، ان کان پهريان ئي سندن مقدس نالي جون اهڙيون برڪتون هيون جو ان جي وسيلي سان دعائون قبول ٿينديون هيون...!! واهہ! ڇا شان آهي...!! ان ڪري تہ اسان چئون ٿا:

1...تفسير درمنثور، پاره:1، البقرة، زير آيت:89، جلد:1، صفحہ:216۔

آنکھوں کا تارا نامِ مُحَمَّد | دِل کا اُجالا نامِ مُحَمَّد
دولت جو چاہو دونوں جہاں کی | کر لو وظیفہ نامِ مُحَمَّد
پائیں مرادیں دونوں جہاں میں | جس نے پُکارا نامِ مُحَمَّد [1]

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## دنيا جي سڀ کان پهرين ڪاميابي ڪيئن حاصل ڪئي وئي؟

توهان کي هڪ ايمان افروز ڳالهه ٻڌايان! انسان جڏهن هن دنيا ۾ آيو، جڏهن هن زمين تي قدم رکيا ته هن زمين تي انسان کي جيڪا سڀ کان پهرين ڪاميابي ملي هئي، اها به مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي نالي جي وسيلي سان ئي ملي هئي. جي ها! حديث پاڪ ۾ آهي ۽ اها حديث پاڪ امام حاڪم، امام بيهقي ۽ ٻين ڪيئي محدثين ذڪر ڪئي آهي، حديث پاڪ جو خلاصو اهو آهي ته حضرت آدم عَلَیْہِ السَّلَام کان جنت ۾ اها جيڪا هڪ لغزش (ڀُل) ٿي وئي هئي (اها گناهه نه هو، غلطي نه هئي بلڪ هڪ لغزش هئي پر

جن کے رُتبے ہیں سِوا، ان کی سِوا مشکل ہے

جيڪي وڏن مرتبن وارا هوندا آهن، اهي پنهنجي معمولي لغزش کي به گهٽ ناهن سمجهندا، خير! الله پاڪ حضرت آدم عَلَیْہِ السَّلَام کي زمين ۾ پنهنجو خليفو بڻايو هو، ان ڪري کين زمين تي لاٿو ويو، هاڻي حضرت آدم عَلَیْہِ السَّلَام کي پنهنجي ان لغزش جي سبب الله پاڪ کان تمام گهڻي حياءُ ايندي هئي (ڪجهه روايتن ۾ آهي: پاڻ ان سبب کان 300 سال روئيندا رهيا).[2] آخر پاڻ الله پاڪ جي بارگاهه ۾ هيئن عرض ڪيائون: اي الله پاڪ! مون کي محمد صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي صدقي ۾ معاف فرماءِ. بس پياري محبوب صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو وسيلو پيش ڪرڻ جي دير هئي، الله پاڪ سندن لغزش

---

1...قبالهٔ بخشش، صفحه:133-134 ملتقطًا.

2... تفسير درمنثور، البقرة، زير آيت:36، جلد:1، صفحه:142.

کي معاف بہ فرمايو ۽ ڳڻوڳڻ فرمايو: اي آدم! لَوْلَا مُحَمَّدٌ لَمَا خَلَقْتُكَ جيڪڏهن (منهنجا محبوب) محمد صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم نہ هجن ها تہ مان توهان کي بہ پيدا نہ ڪيان ها.[1]

نوح و خلیل و موسیٰ و عیسیٰ | سب کا ہے آقا نامِ مُحَمَّد
دونوں جہاں میں دنیا ودیں میں | ہے اک وسیلہ نامِ مُحَمَّد
شیدا نہ کیوں ہو اس پر مسلماں | رب کو ہے پیارا نام مُحَمَّد[2]

سُبْحٰنَ الله! ان مان هڪ تہ اهو معلوم ٿيو تہ انسان کي دنيا ۾ سڀ کان پهرين ڪاميابي وسيلي جي برڪت سان ملي آهي، ٻيو اهو بہ معلوم ٿي ويو تہ الله پاڪ جي مقبول ٻانهن جي وسيلي سان، بحقِ فلان چئي دعا ڪرڻ ابو البشر حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام جي سنت آهي.[3]

## وسيلو پيش ڪرڻ جي تعليم

ابن ماجہ شريف ۾ حديث پاڪ آهي ۽ هن حديث کي امام ترمذي بہ روايت ڪيو آهي، صحابيءِ رسول حضرت عثمان بن حُنيف رَضِيَ اللّٰهُ عَنه فرمائن ٿا: هڪ دفعو هڪ نابين صحابي رَضِيَ اللّٰهُ عَنه بارگاهہ رسالت ۾ حاضر ٿيو، عرض ڪيو: اي پيارا محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ دعا فرمايو تہ منهنجون اکيون (Eyes) نيڪ ٿي وڃن.

سُبْحٰنَ الله! معلوم ٿيو: صحابہءِ ڪرام رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهم جو عقيدو هو تہ يقيناً دعا الله پاڪ ئي ٻڌندو آهي، سيني جي ٻڌندو آهي پر جهڙي پنهنجي محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ٻڌي ٿو، اهڙي ڪنهن جي بہ نٿو ٻڌي...!!

---

1... مستدرڪ، ڪتاب آيات رسول الله...دلائل النبوة، باب استغفار آدم...الخ، جلد:3، صفحہ:517، حديث:4286 خلاصةً۔
2...قبالۂ بخشش، صفحہ:134 ۔
3...تفسير صراط الجنان، پاره:1، البقرة، زير آيت:37، جلد:1، صفحہ:108۔

اس کی بخشش، ان کا وسیلہ | دیتا وہ ہے، دِلاتے یہ ہیں

خير! صحابيءِ رسول رَضِیَ اللہُ عَنْہ دعا جي درخواست ڪئي، پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم انهن لاءِ دعا نه فرمائي پر اسان غلامن تي ڪرم فرمائيندي دعا سيکاري ڇڏي ته جيئن قيامت تائين سندن غلام ان دعا مان برڪتون حاصل ڪندا رهن. ان ڪري پاڻ ڪريم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: چڱي طرح وضو ڪريو! پوءِ 2 رڪعت نماز پڙهو! پوءِ هيئن دعا ڪريو!

اَللّٰھُمَّ اِنِّیۡ اَسۡئَلُكَ، وَاَتَوَجَّهُ اِلَيۡكَ بِمُحَمَّدٍ نَبِيِّ الرَّحۡمَةِ، يَا مُحَمَّدُ اِنِّيۡ قَدۡ تَوَجَّهۡتُ بِكَ اِلٰى رَبِّيۡ فِيۡ حَاجَتِيۡ هٰذِهٖ لِتُقۡضٰى، اَللّٰهُمَّ فَشَفِّعۡهُ فِيَّ.

اي الله پاڪ! مان توکان سوال ڪريان ٿو ۽ تنهنجي محبوب، نبي رحمت حضرت محمد صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي وسيلي سان تنهنجي حضور متوجهه آهيان، اي محمد صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم! مان توهان جي وسيلي سان پنهنجي رب جي حضور متوجهه آهيان ته جيئن منهنجي اها حاجت پوري ٿئي. اي الله پاڪ! منهنجي حق ۾ پاڻ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي سفارش ڪي قبول فرماءِ. (1)

حضرت عثمان بن حُنيف رَضِیَ اللہُ عَنْہ فرمائن ٿا: اهي صحابي اتان اٿيا، وضو ڪيو، 2 رڪعت نماز ادا ڪئي، پوءِ پياري آقا، محبوبِ خدا صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي سيکاريل دعا گهري، اسان اجا اتي ويٺا هئاسين ته اهو واپس به اچي ويو پر واهه! سُبۡحٰنَ الله! جڏهن ويا هئا ته نابين (Blind) هئا ۽ جڏهن واپس آيا ته كَاَنَّهٗ لَمۡ يَكُنۡ بِهٖ ضَرٌّ قَطُّ هاڻي اهڙا هئا ڄڻ ڪين ڪڏهن ڪا تڪليف ٿي ئي نه هئي. (2)

---

1...ابن ماجہ، کتاب اقامۃ الصلاۃ والسنۃ فیہا، باب ما جاء فی الصلاۃ الحاجۃ، صفحہ:224، حدیث:1385۔

2...معجم کبیر، جلد:4، صفحہ:415، حدیث:8232۔

سُبْحٰنَ الله! اها آهي وسيلي جي برڪت...!! اها مبارڪ نماز جيڪا رسولِ اڪرم، نورِ مجسم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ان صحابيءَ رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہ کي سيکاري، ان کي نمازِ حاجت چوندا آهن. اهو تجربو ٿيل عمل آهي ۞ ڪهڙي به مشڪل هجي ۞ پريشاني هجي ۞ مصيبت هجي ۞ ڪا جائز خواهش ۞ تمنا ۞ آرزو پوري نه ٿي رهي هجي ۞امتحان ۾ ڪاميابي گهرجي۞ قرض (Loan)لاهڻو هجي ۞ شفا گهرجي ۞ نمازن ۾ دل لڳائڻي هجي ۞ جڏهن توهان گناهن کان پاسو ڪري هڪ نيڪ انسان بڻجڻ چاهيو ٿا يا توهان کي ڪا ديني يا دنياوي ضرورت آهي ته تازو وضو ڪريو، ٻه رڪعتون نماز پڙهو، پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي وسيلي سان، سندن سيکاريل طريقي مطابق دعا گهرو، اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم!هر خواهش پوري ٿيندي.

## پيٽَ جو ڳوڙهو فوراً ٺيڪ ٿي ويو

امام ابن ابي الدنيا رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ لکن ٿا: هڪ ڀيري هڪ شخص عبد الملڪ بن حيان وٽ آيو، عبد الملڪ سندس پيٽ چيڪ ڪيو، چيڪ ڪرڻ کان پوءِ چيائين: توکي اهڙي بيماري آهي، جنهن جو ڪو علاج (*Treatment*) نه آهي (يعني اجان تائين ان بيماري جو علاج دريافت نه ٿي سگهيو آهي). ان شخص پريشان ٿي پڇيو: ڪهڙي بيماري آهي؟ چيائين: توکي دُبَيْلَهْ آهي (يعني تنهنجي پيٽ ۾ ڳوڙهو آهي، شايد اڄڪلهه جي اصطلاح ۾ ان کي ڪينسر چئي سگهجي ٿو). هن شخص جڏهن اهڙي ڳالهه ٻڌي ته تمام گهڻو پريشان ٿيو ۽ واپس هليو ويو، وڃي الله پاڪ جي حضور ۾ حاضر ٿيو ۽ عرض ڪيائين:

الله! الله! رَبِّيْ لَاۤ اُشْرِكُ بِهٖۤ اَحَدًا! يعني الله پاڪ جي پناهه! الله پاڪ جي پناهه! هُو منهنجو رب آهي، مون ان سان ڪنهن کي شريڪ نه بڻايو. پوءِ هن اها ئي دعا گهري:

اَللّٰھُمَّ اِنِّیْ اَتَوَجَّهُ اِلَیْكَ بِنَبِیِّكَ مُحَمَّدٍ صَلَّی اللّٰهُ عَلَیْهِ وَسَلَّمَ، نَبِیِّ الرَّحْمَةِ، یَا مُحَمَّدُ اِنِّیْ اَتَوَجَّهُ بِكَ اِلٰی رَبِّكَ وَرَبِّیْ اَنْ یَّرْحَمَنِیْ مِمَّا بِیْ

اي الله پاڪ! مان تنهنجي بارگاهه ۾ تنهنجي نبي، رحمت واري نبي، حضرت محمد صَلَّی اللّٰهُ عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي وسيلي سان متوجهه ٿيو آهيان، اي محمد صَلَّی اللّٰهُ عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! مان اوهان جي وسيلي سان، توهان جي ۽ پنهنجي رب جي بارگاهه ۾ متوجهه ٿيو آهيان ته جيئن هو منهنجي هن بيمار حالت تي نظرِ رحمت فرمائي.

امام ابن ابي الدنيا رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَیۡه لکن ٿا: اهو شخص هيءَ دعا گهرڻ کان پوءِ بيهر آيو، عبد الملڪ بن حيان ٻيهر سندس پيٽ چيڪ ڪيو ته حيرت مان چيائين: مَابِكَ عِلَّةٌ، هاڻي توکي ڪو به مرض نه آهي. [1]

سُبْحٰنَ الله! ڪيڏو نه مجرب نسخو آهي. اسان به هي نسخو اختيار ڪري سگهون ٿا، ڪا به مشڪل هجي، ڪا به پريشاني هجي، ڪا به دشواري هجي، الله پاڪ جي حضور ۾ حاضر ٿي محبوب ڪريم صَلَّی اللّٰهُ عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو وسيلو پيش ڪريو! سندن سيڪاريل دعا گهرو! اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! ڪاميابي نصيب ٿيندي. هيءَ نمازِ حاجت پڙهڻ ۽ دعا گهرڻ ۾ بس هڪ ڳالهه جو خيال رکو! ته رسول ذيشان، مڪي مدني سلطان صَلَّی اللّٰهُ عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي يَامُحَمَّد چئي پڪارڻ منع آهي. اهڙيون دعائون جيڪي حديثن ۾ آيون آهن ۽ انهن ۾ يَامُحَمَّد جو لفظ به آيو آهي، علماءِ ڪرام فرمائن ٿا ته اهڙن موقعن تي ادب اهو آهي ته اسان يَامُحَمَّد جي بدران يَارَسُوْلَ الله چئون. [2] ظاهر آهي اسان ننڍا آهيون، اسان ته پاڻ صَلَّی اللّٰهُ عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي

1... موسوعہ ابن ابی الدنیا، کتاب مجابی الدعوۃ، جلد:2، صفحہ:379، رقم:127۔

2... فتاوی رضویہ، جلد:30، صفحہ:157 خلاصۃً۔

نالو ڪٽي پڪاري نہ ٿا سگھون! اسان کي تہ ادب ئي ڪرڻ گھرجي ۽ ادب ان ۾ ئي آهي تہ پاڻ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي نالو ڪٽي پڪارڻ جي بدران مختلف پيارن پيارن لقبن سان پڪاريو وڃي. الله پاڪ اسان سڀني کي علم، عمل ۽ ادب جي توفيق نصيب فرمائي. اٰمِین بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم.

## تبرڪاتِ اولياء جو فيضان

پيارا اسلامي ڀائرو! قرآني آيتن ۽ احاديثِ ڪريمہ مان بلڪل واضح (Clear)ٿي ويو تہ الله پاڪ جي حضور وسيلو پيش ڪرڻ بلڪل جائز آهي، ان جي برڪت سان هر ميدان ۾ ڪاميابي ملندي آهي. جيئن انبياءِ ڪرام عَلَيْہِمُ السَّلَام جو وسيلو پيش ڪرڻ درست آهي، ائين ئي ولين سڳورن جو وسيلو پيش ڪرڻ بہ بلڪل جائز ۽ حصولِ برڪات جو ذريعو آهي. الحمدلله! صحابہِ ڪرام رَضِیَ اللهُ عَنْہم کان وٺي هينئر تائين پوري امت جي عوام و خواص، علماءِ ذيشان ۽ اولياءِ ڪرام جو معمول رهيو آهي تہ اهي حضرات الله پاڪ جي حضور اولياءَ الله جو، الله پاڪ جي نيڪ ٻانهن جو وسيلو پيش ڪندا هئا ۽ برڪتون حاصل ڪندا هئا بلڪ پاڻ اولياءِ ڪرام جو ڇا تہ شان آهي، انهن جي تبرڪات جا بہ نرالا شان آهن. سلطان محمود غزنوي رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ تمام مشهور (Famous) بادشاھ ٿي گذريا آهن، وڏا نيڪ دل انسان هئا، هڪ ڀيرو خواجہ ابو الحَسن خرقاني رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ کين پنهنجو لباس عطا ڪيو ۽ فرمايو: مشڪل جي وقت هن لباس جي وسيلي سان ڪم وٺندا ڪجو. جيئن تہ سلطان محمود غزنوي رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ اهو مبارڪ لباس سنڀالي رکيو، جڏهن پاڻ رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ هند فتح ڪرڻ لاءِ تشريف فرما ٿيا تہ هڪ قلعي (Castle) کي فتح ڪرڻ ۾ تمام گهڻي مشڪل پيش اچي رهي هئي، ڪيترا ئي ڏينهن گذري ويا، جڏهن هنن ڏٺو تہ هاڻي فتح جي ڪا بہ اميد باقي نہ رهي آهي تہ پاڻ رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ خواجہ ابو الحسن رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ جي انهيءَ لباس جي وسيلي سان دعا ڪئي، بس دعا ڪرڻ جي دير هئي، غير مسلمن جي لشڪر ۾ نااتفاقي

پکڙجي وئي، انهن جي طاقت ڪمزور (Weak) ٿي ۽ هو اتان ڀڄي ويا. قلعو فتح ڪرڻ کان پوءِ سلطان محمود رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه رات جو جڏهن ستا ته خواجه ابو الحسن رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه خواب ۾ تشريف فرما ٿيا ۽ فرمايائون: محمود! توهان اسان جي لباس جي ڪا به قدر نه ڪئي، جيڪڏهن توهان فتح جي بجاءِ هي دعا ڪيو ها ته اهي سڀ غير مسلم ڪلمو پڙهي مسلمان ٿي وڃن ها ته اهي سڀ مسلمان ٿي وڃن ها. (1)

| | |
|---|---|
| جو ہو اللہ کا ولی اُس کا | فیض دنیا میں عام ہوتا ہے |
| بے سبب بخشش اُس کی ہو جس پر | فضلِ ربُّ الاَنام ہوتا ہے (2) |

سُبۡحٰنَ الله! هي اولياءِ ڪرام جي تبرڪات جو شان آهي، پوءِ خود انهن جي پنهنجي ذات جو ڇا شان هوندو. تنهنڪري اسان کي گهرجي ته ڪنهن به ميدان ۾، ڪنهن به سطح تي، ڪنهن به لحاظ جي سٺي، نيڪ و جائز ڪاميابي چاهيون ته الله پاڪ جي حضور وسيلو پيش ڪريون، نيڪ ڪم ڪريون، نيڪ ماڻهن، نبين ولين جي وسيلي سان دعا گهرون، اِنۡ شَآءَ اللهُ الۡكَرِيۡم! ان جون برڪتون نصيب ٿينديون ۽ الله پاڪ چاهيو ته هر ميدان ۾ ڪاميابي قدم چمندي.

## پير جي ضرورت ۽ اهميت

پيارا اسلامي ڀائرو! الله پاڪ فرمايو:

| | |
|---|---|
| وَ ابۡتَغُوۡۤا اِلَيۡهِ الۡوَسِيۡلَةَ | ترجمو ڪنزُ العرفان: ۽ ان جي طرف وسيلو ڳوليو |

هن آيت جي تحت مفسرينِ ڪرام هڪ مدني گل (Madani Pearl) هي به ڏنو آهي ته جيڪو ٻانهو الله پاڪ جو قرب حاصل ڪرڻ چاهي، نيڪ رستي جو مسافر بڻجي الله پاڪ جي حضور بلند مقام حاصل ڪرڻ جو خواهشمند

1...تذڪرة الاولياء ، صفحه:339 خلاصةً.

2...وسائل بخشش، صفحه:441 ملتقطًا.

هجي، ان تي لازم آهي تہ پير جو وسيلو اختيار ڪري جو پير کان سواءِ ان راهہ ۾ ڪاميابي نٿي ملي.[1]

گَرْ هَوَائے اِيں سَفَرْ دَارِیْ دِلَا | دَامَنِ رَهْبَرْ بَگِيْرَوْ پَسْ بِيَا

جيڪڏهن ان سفر جي خواهش دل ۾ آهي تہ ڪنهن رهبر جو دامن پڪڙ ۽ پوءِ اچ

گَرْ رَوِی صَدْ سَال دَرْ رَاهِ طَلَبْ | رَاهْبَرْ نَبَوَدْ چِهْ حَاصِلْ زَاں تَعب

جيڪڏهن تون طلب جي راهہ ۾ سؤ سال هلين، رهبر نہ هجي تہ ان مشقت جو ڇا فائدو!

بے رَفِيْقَے هَرْ کِهْ شُدْ دَرْ رَاهِ عِشْق | عُمْرْ بَگْذَشْت وَنَشُدْ آگَاهِ عِشْق[2]

پير جي بغير جيڪو بہ عشق جي راهہ ۾ هليو، ان جي عمر گذري وئي ۽ هو عشق کان واقف نہ ٿيو.

## جڏهن سڀ ڪجهہ قسمت ۾ لکيل آهي تہ پوءِ پير ڇو...؟

حضور داتا گنج بخش علي هجوري رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه تمام وڏا ڪامل ولي ٿي گذريا آهن، ڪين گنج بخش (يعني خزانا لٽائڻ وارو) ۽ فيض عالم (يعني جهان کي فيض ڏيڻ وارو) چيو ويندو آهي. پاڻ شيخ ابو الحسن ختلي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جا مريد هئا، فرمائن ٿا: هڪ ڀيرو مان پنهنجي پير صاحب کي وضو ڪرائي رهيو هيس، اوچتو منهنجي دل ۾ خيال آيو تہ جڏهن سڀ ڪجهہ تقدير ۾ لکجي چڪو آهي تہ پوءِ ماڻهو پير جي غلامي ڇو اختيار ڪن ٿا...؟ اهو خيال سندن صرف دل ۾ آيو هو پر قربان وڃجي! پير آخر پير هوندو آهي، شيخ ابو الحسن خُتَّلي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه فرمايو: پٽ! توهان جي دل جو خيال مون سمجهي ورتو آهي. پوءِ سندن اشڪال جو جواب ڏيندي فرمايو: توهان کي معلوم هجڻ گهرجي تہ الله پاڪ جي هر حڪم لاءِ ڪو سبب هوندو آهي

1...تفسير ڪبير، پاره:6، المائده، زير آيت:35، جلد:4، صفحہ:349 خلاصتہً۔

2...فتاویٰ رضويہ، جلد:26، صفحہ:583 ملتقطًا۔

(يعني هي دنيا دارالاسباب آهي، هتي جيڪو ڪجهه ٿيندو آهي، اسباب جي تحت ئي ٿيندو آهي)، تنهنڪري جڏهن الله پاڪ ڪنهن سپاهي جي پٽ کي تاج و تخت عطا فرمائڻ چاهيندو آهي ته ان کي توبہ جي توفيق ڏئي پنهنجي ڪنهن محبوب (يعني وليُ الله) جي خدمت جي سعادت عطا فرمائي ڇڏيندو آهي، پوءِ انهيءَ خدمت جي برڪت سان ان کي عزت و شان (Dignity) عطا ڪئي ويندي آهي.[(1)]

## پير جي ضرورت سيني کي آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! الله پاڪ فرمايو:

| | |
|---|---|
| يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا اتَّقُوا اللّٰهَ وَ ابْتَغُوْۤا اِلَيْهِ الْوَسِيْلَةَ (سيپارو: 6، المائده: 35) | ترجمو ڪنزُ العرفان: اي ايمان وارؤ! الله کان ڊڄو ۽ ان جي طرف وسيلو ڳوليو. |

حڪيم الامت، مفتي احمد يار خان نعيمي رَحۡمَةُاللّٰهِعَلَيۡه هن آيت جي تحت فرمائين ٿا: هن آيت ۾ تقويٰ کان پوءِ وسيلي جي تلاش جو حڪم ڏئي ٻڌايو ويو ته ڪو بہ متقي تقويٰ جي ڪنهن بہ درجي تي پهچي وسيلي کان بي نياز نٿو ٿي سگهي، تنهنڪري ڪو بہ متقي مسلمان هي نہ سمجهي تہ مان تہ متقي ٿي ويس هاڻي مون کي الله پاڪ تائين پهچڻ لاءِ ڪنهن وسيلي جي ضرورت ناهي، جيئن هر مومن اعمال و تقويٰ جو حاجت مند آهي ائين ئي هر متقي وسيلي (يعني پير) جو محتاج آهي.[(2)]

الله اڪبر! معلوم ٿيو: ماڻهو نيڪ اعمال ڪري، چاهي ڪيتري بہ بلند مقام تي پهچي چڪو هجي، جيڪڏهن هو الله پاڪ جو قرب حاصل ڪرڻ چاهي ٿو، ان کي بہ پير ٻڌائڻو ئي پوندو، پير کان سواءِ ان راهه کي پار ڪرڻ تقريباً ناممڪن (Impossible) آهي. ڏسو! حضور غوثِ پاڪ رَحۡمَةُاللّٰهِعَلَيۡه ڪيترا

1...ڪَشْفُ الْمَحْجُوْب، صفحہ:245 بتغير قليل۔
2...تفسير نعيمی، پاره:6، سورۂ مائده، زير آيت:35، جلد:6، صفحہ:394 ملتقطًا۔

وڏا وليُ الله هئا، پاڻ پيدائشي ولي آهن، پاڻ پيدا ٿيندي ئي، پنهنجي هن دنياوي زندگي جي پهرين ئي ڏينهن روزو رکيو، ڪيئن متقي، پرهيزگار، عبادت گذار هئا، هن عزت و بزرگي جي باوجود پاڻ پير بڻايائون، داتا حضور رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه به پيدائشي ولي هئا، انهن به پير بڻايو، اعليٰ حضرت امام اهلسنت شاهه امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه به پيدائشي ولي هئا، پاڻ به پير بڻايائون، ان ڪان علاوه به توهان وڏن وڏن اولياءِ ڪرام جي سيرت پڙهي ڏسو، انهن سيني پير بڻايو، ڪنهن نه ڪنهن جامع شرائط پير جي هٿ تي بيعت ڪئي، تڏهن ئي قربِ اِلاهي جي راهه ڪي پار ڪيو ۽ ولايت جي بلند مقامن تي پهتا.

## پٽ! پير ڪان سواءِ ڪا واٽ ئي ناهي

سلطانُ المشائخ حضرت سلطان باهو رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه ڪيترو وڏا وليُ الله آهن، پاڻ به پيدائشي ولي هئا ۽ سندن شان ته اهو هو جو ننڍپڻ مبارڪ (Childhood) ۾ جڏهن گهٽيءَ ۾ نڪرندا هئا ته غير مسلم ڪين ڏسي ئي ڪلمو پڙهي وٺندا هئا. (1)

سُبْحٰنَ الله! اهڙو شان هو، ان جي باوجود جڏهن پاڻ ڪجهه وڏا ٿيا ته والده محترمه فرمايو: پٽ! جيستائين پير ڪامل جو دامن نه پڪڙيندين، تيستائين معرفت حاصل نه ٿيندئي. عرض ڪيائون: امڙ! مون کي ظاهري مرشد جي ڪهڙي حاجت آهي؟ منهنجا پيرَ ته پاڻ حضور پر نور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهن. والده محترمه به وڏي ڪامل وليه هيون، فرمايائون: پٽ! ظاهري مرشد به ضروري آهي، ان ڪان سواءِ الله پاڪ جي معرفت ملڻ مشڪل آهي. جيئن ته سلطان باهو رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه والده جي حڪم تي لبيڪ چيو ۽ پير سيد عبدالرحمان جيلاني دهلوي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي هٿ تي بيعت فرمائي. (2)

---

1...مناقب سلطانی، فصل دوم، صفحہ:21۔

2...مناقب سلطانی، فصل سوم، صفحہ:53 خلاصۃً۔

سُبْحٰنَ الله! پيارا اسلامي ڀائرو! معلوم ٿيو: ڪو ڪامل آهي يا ناقص، اوچي رتبي وارو آهي يا نہ، نيڪوڪار آهي يا گنهگار سيني کي گهرجي تہ ڪنهن جامع شرائط پير جي هٿ تي بيعت لازمي ڪن، جو تہ الله پاڪ جي معرفت، ان جي قرب جون منزلون پير جي وسيلي سان ئي حاصل ٿينديون آهن. تنهنڪري جيڪي اڃا تائين ڪنهن بہ پير ڪامل جي هٿ تي بيعت نہ ٿيا آهن، انهن لاءِ مشورو آهي تہ ۞ دورِ حاضر جي عظيم علمي و روحاني شخصيت(Spiritual Personality)، ڪروڙين مريدن جا پير ڪامل ۞ اڄ جي دور ۾ دنيا ڀر ۾ سنتن کي عام ڪرڻ وارا ۞ڪروڙين ماڻهن جون زندگيون تبديل فرمائڻ وارا ۞ بي نمازين کي نمازي بڻائڻ وارا ۞ گنهگارن کي توبہ ڪرائڻ وارا ۞ ڪروڙين ماڻهن کي سنتن جي هلندڙ ڦرندڙ تصوير بڻائڻ وارا ۞ دنيا جي گندي گناهن ڀري عشق مجازي ۾ ڀٽڪندڙن کي عشقِ رسول ۽ ۞ عشقِ مدينہ جا جام پياريندڙ شيخ طريقت، اميرِ اهلسنت حضرت علامہ مولانا محمد الياس عطار قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جا مريد ٿي وڃو! الحمد لله! شيخ طريقت اميرِ اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه حضور غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي سلسلي ۾ بيعت ڪندا آهن يعني قادري، رضوي، عطاري بڻائيندا آهن ۽ حضور غوث پاڪ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جو فرمانِ عالي شان آهي: منهنجو ڪو بہ مريد توبہ کان سواءِ نہ مرندو. (1)

الله پاڪ اسان کي جامع شرائط پير جي هٿ تي بيعت ڪري نيڪ رستي جو مسافر بڻجڻ، الله پاڪ جي قرب جو وسيلو ڳولهڻ، وسيلي جون برڪتون حاصل ڪرڻ ۽ ان ذريعي دنيا و آخرت جي هر امتحان ۾ ڪامياب ٿيڻ جي سعادت نصيب فرمائي. اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

1...بہجۃ الاسرار، ذکر فضل اصحابہ و بشرایم، صفحہ:191۔

# دارالافتاء اهلسنت ايپلي ڪيشن

دعوتِ اسلامي جي آءِ ٽي ڊپارٽمينٽ طرفان هڪ موبائل ايپلي ڪيشن جاري ڪئي وئي آهي، جنهن جو نالو آهي (Dar-ul-Ifta Ahlesunnat): (دارالافتاء اهلسنت). هي ايپلي ڪيشن Android ۽ IOS ٻنهي قسمن جي ڊيوائسز مان آساني سان ڊائون لوڊ ڪري سگهجي ٿي، هن موبائل ايپلي ڪيشن ۾ مختلف موضوعن تي پڇيل سوالن جا جواب آڊيو، وڊيو ۽ ٽيڪسٽ جي صورت ۾ موجود آهن احڪامِ تجارت فرض علوم ڪورس ۽ تجارت ڪورس بہ هن ايپلي ڪيشن ۾ شامل آهن.

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

بيان ڪي اختتام طرف آڻيندي هڪ شرعي مسئلو عرض ڪريان ٿو:

## درست ڇا آهي؟

**(درست شرعي مسئلو ۽ عوام ۾ موجود غلط فهمي جي نشاندهي)**

**مسئلو:** تشهد (يعني التحيات) ۾ ڪلمو شهادت پڙهندي آڱر ذريعي اشارو ڪرڻ سنت آهي.

**وضاحت:** ڪجھ ماڻهو التحيات ۾ شهادت جي آڱر کي سلام ڦيرڻ تائين حرڪت ڏيندا رهندا آهن، هي درست ناهي، درست انداز هي آهي تہ جڏهن نمازي التحيات ۾ ڪلمو شهادت (اَشْھَدُ اَنۡ لَّاۤ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰه) تي پهچي، تہ ساڄي هٿ جي سڀ کان ننڍي ۽ ڳڻ واري آڱر بند ڪري، آڱوٺي ۽ وچين آڱر جو حلقو ناهي ۽ لا تي شهادت جي آڱر اٿاري ۽ الا تي رکي ۽ سڀ آڱريون اڳئين وانگر سڌيون ڪري وٺي.[1] الله پاڪ اسان کي درست اسلامي احڪام سکڻ ۽ انهن تي عمل ڪرڻ جي توفيق نصيب فرمائي.

اٰمِيۡن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم.

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

---

1... بہارِ شريعت، جلد:1، صفحہ:530، حصہ:3 خلاصةً.

# اسماء الحسنيٰ جون برڪتون (وظيفو)

## يَاجَلِيْلُ

جيڪو ٻه 10 ڀيرا "يَاجَلِيْلُ" پڙهي پنهنجي مال و اسباب ۽ رقم وغيره تي دم ڪري ته ان جو مال وغيره چوري کان محفوظ رهندو. (1) اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم!

الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم.

[1] ... مدنی پنج سوره، صفحہ:252۔